

# هر صحابي نبي جنتي جنتي

سنڌي

شيخِ طريقت، امير اهلسنّت، باني دعوتِ اسلامي حضرت علّامه مولانا ابو بلال

مُحمّد اِلياس عَطّار قادِري رَضَوي

دامت برکاتهم العالية

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

## ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي ڇڏيو اِنْ شَآءَاللّٰه جيڪو ڪجهه پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

**اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام**

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج ۱ ص۴۰ دار الفڪر بيروت)

طالب غم
مدينہ
بقيع
و
مغفرت



**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**


رسالي جو نالو: هر صحابيِ نبي جنتي جنتي
ڇاپو پهريون: رجب 1442 فيبروري 2021ع
تعداد:
ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ بابُ المدينہ ڪراچي



مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي


**ڪتاب خريد ڪندڙ توجه فرمائن!**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوتِ اسلامي، حضرت علامه
دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه
**مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي**
جو اُردو زبان ۾ رسالو

# هر صحابيِ نبي جنتي جنتي

**پيشڪش**

**اسلامڪ ريسرچ سينٽر المدينة العلميه** (دعوت اسلامي)

**ترجمو**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.

**رابطي جي لاءِ:**
**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينه ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.net

## فهرست

# هرصحابي نبي جنتي جنتي

دعاءِ عطار ........................................ 1
درود شريف پڙهڻ واري جي...(حڪايت) ........................ 1
الله ڪريم سيني صحابن سان جنت جو وعدو ڪيو آهي ................ 2
صحابہ ڪرام جون ٻہ قسمون ................................ 2
صحابي جي تعريف ........................................ 3
صحابہ ڪرام جو تعداد ..................................... 3
فضيلت جي اعتبار سان صحابہ ڪرام جي ترتيب ..................... 4
چار يارانِ نبي ........................................... 5
ايمان اَفروز حڪايت ........................................ 6
صحابيِ رسول جو مرتبو ...................................... 7
خدا کا قرب حاصل تھا نبی کی دید ہوتی تھی ......................... 8
صحابي کان ڪوبہ وليء نٿو وڌي سگهي ............................ 8
ڪاٺو مردو ............................................... 8
ملائڪ صحابہ ڪرام جو استقبال ڪندا ............................. 9
”مان انهن مان آهيان“ ...................................... 10
حرام، حرام، سخت حرام ..................................... 11
40 حديثون پهچائڻ جي فضيلت ................................. 12
فضائلِ صحابہ جي باري ۾ 40 حديثون ............................ 12
الله ۽ رسول کي ايذائڻ وارن جي لاءِ عذاب جي وعيد .................. 18
دعاءِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ ..................................... 24

اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰہِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ؕ

# هر صحابيِ نبي جنتي جنتي

## دعاءِ عطار

ياالله پاڪ! جيڪو رسالو ”هر صحابيِ نبي جنتي جنتي“ پڙهي يا ٻڌي وٺي اُن کي ۽ سندس قيامت تائين اچڻ واري سڄي نسل کي صحابهٔ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان جي سچي غلامي نصيب فرماءِ ۽ ان جي بي حساب مغفرت فرماءِ. اٰمِیۡن بِجَاہِ النَّبِیِّ الۡاَمِیۡن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

## درود شريف پڙهڻ واري جي...(حڪايت)

اَبُو علي قطّان چوي ٿا: مون خواب ۾ ڏٺو ته مان (عراق جي شهر) ”ڪَرۡخ“ جي جامع مسجد شَرۡقيه ۾ آهيان، اُتي مون محبوبِ پروردگار، مڪي مديني جي تاجدار صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو ديدار ڪيو، پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سان ٻه ماڻهو ٻيا به هئا جن کي مون ڪونه سڃاتو، مون مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ سلام عرض ڪيو پر پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ڪو جواب نه ڏنو، مون عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! مان توهان تي ڏينهن رات ۾ هيترو درود و سلام پڙهندو آهيان ۽ توهان مونکي پنهنجي جواب کان محروم فرمايو؟ (الله پاڪ جي عطا سان غيب جون خبرون ڏيڻ واري) پياري آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: ”مون تي درود به پڙهين ٿو ۽ منهنجي اصحابن کي

گهٽ وڌ بہ ڳالهائين ٿو.“ مون عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! مان توهان جي مبارڪ هٿ تي توبہ ڪريان ٿو اڳتي جي لاءِ ائين ڪونہ ڪندس. پوءِ سرڪارِ نامدار، بنهي جهانن جي سردار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم (سلام جي جواب ۾ ارشاد) فرمايو: وَعَلَيْكَ السَّلَامُ وَرَحْمَةُ اللهِ وَبَرَكَاتُهُ۔ (سعادة الدارين ص 163)

کیوں نہ ہو رُتبہ بڑا، اصحاب واہلِ بیت کا
ہے خدائے مصطفٰی، اصحاب واہل بیت کا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## الله ڪريم سڀني صحابن سان جنت جو وعدو ڪيو آهي

الله پاڪ سيپاري 27 سورةُ الْحَدِيْد آيت نمبر 10 ۾ فرمائي ٿو:

لَا يَسْتَوِيْ مِنْكُمْ مَّنْ اَنْفَقَ مِنْ قَبْلِ الْفَتْحِ وَ قٰتَلَ ؕ اُولٰٓىٕكَ اَعْظَمُ دَرَجَةً مِّنَ الَّذِيْنَ اَنْفَقُوْا مِنْۢ بَعْدُ وَ قٰتَلُوْا ؕ وَ كُلًّا وَّعَدَ اللّٰهُ الْحُسْنٰى ؕ وَ اللّٰهُ بِمَا تَعْمَلُوْنَ خَبِيْرٌ ۠(۱۰)

ترجمو ڪنزالايمان: توهان ۾ برابر ناهن اهي جن فتح مڪہ کان اڳ ۾ خرچ ۽ جهاد ڪيو هي مرتبي ۾ انهن کان وڏا آهن، جنهن فتح کان پوءِ خرچ ۽ جهاد ڪيو ۽ انهن سمورن سان الله جنت جو واعدو فرمائي چڪو ۽ الله کي توهان جي ڪمن جي خبر آهي.

## صحابہ ڪرام جون ٻہ قسمون

هن آيتِ مقدسہ ۾ صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جون ٻہ قسمون بيان ڪيون ويون آهن ۽ ان ۾سيني جي لاءِ ”حُسْنٰى“ يعني جنّت جو

وعدو ڪيو ويو. وَ كُلًّا وَّعَدَ اللّٰهُ الْحُسْنٰى ؕ (ترجمو ڪنزالايمان: ۽ انهن سمورن سان الله جنت جو واعدو فرمائي چڪو) جي حوالي سان شيخ احمد صاوي مالڪي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: معنيٰ اها آهي تہ اهي تمام صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جن مڪي جي فتح کان پهريان ايمان آندو ۽ راهِ خدا ۾ خرچ ڪيو ۽ جن مڪّي جي فتح کان پوءِ ايمان آڻي راهِ خدا ۾ خرچ ڪيو، الله پاڪ انهن سڀني کان حُسْنيٰ يعني جنت جو وعدو فرمايو آهي. (تفسيرِ صاوي ج6 ص 2104)

ہر صحابی نبی! جنتی جنتی
سب صحابیات بھی! جنتی جنتی

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## صحابي جي تعريف

حضرت علامہ حافظ ابن حجر عسقلاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: اَلصَّحَابِيّ مَنْ لَقِيَ النَّبِيَّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّم مُؤمِنًا بِهٖ، ثُمَّ مَاتَ عَلَى الْاِسْلَام يعني جن خوش نصيبن ايمان جي حالت ۾ الله ڪريم جي پياري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان ملاقات ڪئي هجي ۽ ايمان ئي تي انهن جو وصال ٿيو هجي، انهن خوش نصيبن کي ”صحابي“ چوندا آهن. (نخبة الفکر ص111)

## صحابہ ڪرام جو تعداد

اڪابِر محدّثين جي مطابق صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جو تعداد هڪ لک کان سوا لک جي درميان هو. اعلي حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن

ٿا: تمام صحابہ ڪرام عَلَیْھِمُ الرِّضْوَان جي نالن جي خبر ناهي، جن جي نالن جي خبر آهي (انهن جو تعداد تقريباً) ست هزار آهي.
(ملفوظاتِ اعليٰ حضرت ص 400)

## فضيلت جي اعتبار سان صحابہ ڪرام جي ترتيب

**حضرت مفتي** محمد امجد علي اعظمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: نبين ۽ رسولن کان پوءِ، تمام مخلوقِ الٰهي انسانن، جنن ۽ ملائڪن کان افضل صديقِ اڪبر آهن، پوءِ عُمر فاروقِ اعظم، پوءِ عثمانِ غني، پوءِ موليٰ علي پوءِ باقي عشرهءِ مبشره و حضراتِ حسنين واصحابِ بدر و اصحابِ بيعَةُ الرّضْوان رَضِیَ اللهُ عَنْهُم جن لاءِ افضليت آهي ۽ اهي سيئي قطعي (يعني يقيني) جنّتي آهن. (بهارِ شريعت جلد اوّل ص 241 تا 249 بتغير قليل) عبارت ۾ ملائڪن مان مراد عام ملائڪ آهن چوته صحابہ ڪرام عَلَیْھِمُ الرِّضْوَان تمام ملائڪن کان افضل ناهن بلڪ ملائڪن مان سڀ کان اعليٰ مرتبي وارا ملائڪ جن کي **"ملائڪِ مقربين"** چيو وڃي ٿو، جن ۾ عرش کڻڻ وارا ۽ "رسول ملائڪ" جيئن: جبريل و ميڪائيل ۽ اسرافيل و عزرائيل عَلَيهِمُ السَّلَام داخل آهن، هي ملائڪ تمام صحابہ ڪرام کان افضل آهن.

صحابہ کا گدا ہوں اور اہل بیت کا خادم
یہ سب آپ ہی کی تو عنایت یا رسول اللہ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

# چار يارانِ نبي

سُوۡرَۃُ الۡبقره جي آيت نمبر 13 ۾ ارشاد ٿئي ٿو:

وَ اِذَا قِيۡلَ لَهُمۡ اٰمِنُوۡا كَمَاۤ اٰمَنَ النَّاسُ قَالُوۡۤا اَنُؤۡمِنُ كَمَاۤ اٰمَنَ السُّفَهَآءُ ؕ اَلَاۤ اِنَّهُمۡ هُمُ السُّفَهَآءُ وَ لٰكِنۡ لَّا يَعۡلَمُوۡنَ ﴿۱۳﴾

ترجمو ڪنزالايمان: جڏهن انهن کي چيو وڃي ٿو تہ ايمان آڻيو جيئن ٻين ماڻهن ايمان آندو آهي چون ٿا ڇا! اسان بيوقوفن وانگر ايمان آڻيو؟ ٻڌين ٿو! اهي ئي بيوقوف آهن پر نٿا ڄاڻن.

صحابي ابن صحابي حضرت عبدالله بن عباس رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡهُمَا جن کي دعاءِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي برڪت سان تفسير جو علم حاصل ٿيو، سُوۡرَۃُ الۡبقره جي آيت نمبر 13 جي هن حصّي "كَمَاۤ اٰمَنَ النَّاسُ" (ترجمو ڪنزالايمان: جيئن ٻين ماڻهن ايمان آندو آهي) جي تفسير ۾ فرمائن ٿا:" جيئن حضرت ابوبڪر صديق، عمر فاروق، حضرت عثمانِ غني ۽ حضرت علي رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡهُم ايمان آندو. (ابن عساڪر جلد39 ص 177) انهن چار يارن کي خاص ڪرڻ جو سبب اُهو آهي تہ هنن جي ايمان جو خلوص اُن وقت عوام ۽ خواص ۾ مشهور ٿي چڪو هو." (تفسيرِعزيزي سيپارو اوّل ص 137)

امام اهلسنت رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا:

جناں بنے گی محبان چار یار کی قبر
جو اپنے سینے میں یہ چار باغ لے کے چلے

**مشڪل لفظن جي معنيٰ: جنان:** جنتون، **مُحِبّان:** محبت ڪرڻ وارا.

**شرح ڪلامِ رضا:** جيڪي پنهنجي دلين ۾ باغِ رسالت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي هنن چئن مهڪندڙ گلن(يعني چئن يارن) جي محبت قبرن ۾ ساڻ کڻي ويندا، الله ربُّ العزت جي رحمت سان اُنهن جون قبرون جنت جو باغ بڻجي وينديون.

الله! میرا حشر ہو بو بکر اور عمر
عثماں غنی و حضرت مولیٰ علی کے ساتھ

ہر صحابی نبی! جنتی جنتی    سب صحابیات بھی! جنتی جنتی

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!    صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ايمان اَفروز حڪايت

**تابعي بزرگ حضرت عبدالله بن وهب** رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه بيان ڪن ٿا: جڏهن نبيِّ اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جا پيارا پيارا صحابہ ڪرام** عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان ملڪِ شام آيا تہ هڪ راهب(يعني عيسائي عبادت گذار) رستي ۾ مليو، راهب نبي پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪي ڏسي چيو: اُن ذات جو

قسم جنهن جي قبضي ۾ منهنجي جان آهي! حضرت عيسيٰ روح الله عَلَيهِ السَّلَام جا ساٿي جن کي ڦاهي ڏني وئي ۽ آرن سان چيريو ويو اهي به مجاهدي (يعني عبادت و رياضت) ۾ ايتري مقام تائين نه پهتا، جنهن مقام تي حضرت محمد عربي صَلَّى اللهُ عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا اصحاب سڳورا عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان پهتل آهن. حضرت عبدالله بن وهب رَحْمَةُ اللهِ عَلَيه فرمائن ٿا: مون حضرت سيّدنا امام مالڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيه کي عرض ڪيو: (راهب جن جي تعريف ڪئي هئي) توهان انهن جا نالا ٻڌائي سگهو ٿا؟ ته انهن حضرت ابوعبيده بِن جرّاح، حضرتِ مُعاذ بن جبل، حضرت بلال ۽ حضرت سَعد بن عُباده عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جو نالو ورتو. (الله والوں کی باتیں جلد۶ ص۴۶۱) **الله ربُّ العزت جي انهن تي رحمت هجي انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.**

آل واصحابِ نبی سب بادشاہ ہیں بادشاہ
میں فقط ادنٰی گدا اصحاب واہل بیت کا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## صحابي رسول جو مرتبو

"**صحابيِ** رسول" هڪ الله پاڪ جي تمام وڏي نعمت آهي، وڏي ڪان وڏو ولي، صحابي جي رتبي تائين نٿو پهچي سگهي، هر صحابي عادل ۽ جنتي آهي. ڪوئي شخص پلي ڪيتري ئي عبادت ڪري ڪڏهن به صحابي نٿو بڻجي سگهي ڇوته"صحابه

ڪرام عَلَيۡهِم الرِّضۡوَان حضور انور (صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جي صحبت ماڻي، حضور (صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) کان علم و عمل حاصل ڪيائون، حضور (صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) کان تربيت ورتائون اهي ته انسان ڇا ملائڪن کان به وڌي ويا.“ (مراٰة جلد8 ص 340) ملائڪن کان افضليت ۾ اهائي تفصيل آهي جيڪا صفحي نمبر 4 ۾ گذري چڪي.

صحابہ وہ صحابہ جن کی ہر دن عید ہوتی تھی
خدا کا قرب حاصل تھا نبی کی دید ہوتی تھی

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## صحابي کان ڪوبہ ولي، نٿو وڌي سگهي

”**بهارِ شريعت**“ ۾ آهي: تمام صحابہ ڪرام (عَلَيۡهِم الرِّضۡوَان) ڀلائي وارا ۽ عادل آهن. هنن جو جڏهن ذڪر ڪيو وڃي ته ڀلائي ئي سان ڪرڻ ”**فرض**“ آهي. ڪنهن صحابي بابت برو عقيدو رکڻ بدمذهبي و گمراهي ۽ جهنم جو مستحق هئڻ آهي جو اها (بداعتقادي) حضور اقدس صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمسان دشمني آهي، ڪوئي ”ولي“ ڪيتري ئي وڏي مرتبي جو هجي. ڪنهن صحابي جي رتبي کي نٿو پهچي سگهي. (بهارِ شريعت جلد اوّل ص252 تا253)

## ڪاٺو مردو

مڪتبة المدينہ جي 48 صفحن جي رسالي: ”قبر والوں کی ۲۵ حکايتيں“ صفحي نمبر 26 تي آهي: هڪ بزرگ رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائي ٿو:

منهنجو هڪ پاڙيسري گمراهي جون ڳالهيون ڪندو هو، ان جي مرڻ کان پوءِ مون ان کي خواب ۾ ڏٺو ته ڪاٺو آهي. مون پڇيو: اِهو ڇا معاملو آهي؟ جواب ڏنائين: مان صحابه (عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان) جي مبارڪ شان مان ”عيب“ ڪڍندو هيس، الله پاڪ مون کي ”عيبدار“ بڻائي ڇڏيو! اِهو چئي ان پنهنجي نڪتل اک تي هٿ رکي ڇڏيو. (شرحُ الصّدور ص 280)

## ملائڪ صحابہ ڪرام جو استقبال ڪندا

تمام صحابه ڪرام (عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان) اعليٰ و ادنيٰ (۽ انهن مان ڪوبه ادنيٰ ناهي) سيئي صحابه جنتي آهن، اهي جهنّم جو هلڪو آواز به نه ٻڌندا، ۽ هميشه پنهنجي من چاهيندڙ مرادن ۾ رهندا، مَحشر جي اها وڏي گهبراهٽ انهن کي غمگين ڪانه ڪندي، ملائڪ انهن جو استقبال ڪندا ته هيءُ آهي اهو ڏينهن جنهن جو توهان سان وعدو ڪيو ويو هو. هيءُ سچو مضمون قرآنِ ڪريم جو ارشاد آهي. (بهارِ شريعت جلد اوّل ص 254) الله پاڪ سيپاري 17 سورةُ الاَنْبياء آيت نمبر 101 کان 103 ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

اِنَّ الَّذِيْنَ سَبَقَتْ لَهُمْ مِّنَّا الْحُسْنٰۤى ۙ اُولٰٓىِٕكَ عَنْهَا مُبْعَدُوْنَ ﴿۱۰۱﴾ لَا يَسْمَعُوْنَ حَسِيْسَهَا ۚ وَهُمْ فِيْ مَا اشْتَهَتْ اَنْفُسُهُمْ خٰلِدُوْنَ ﴿۱۰۲﴾ لَا يَحْزُنُهُمُ الْفَزَعُ الْاَكْبَرُ وَ تَتَلَقّٰىهُمُ الْمَلٰٓىِٕكَةُ ؕ هٰذَا يَوْمُكُمُ الَّذِيْ كُنْتُمْ تُوْعَدُوْنَ ﴿۱۰۳﴾

**ترجمو ڪنزالايمان:** بيشڪ اهي جن جي واسطي اسان جو ڀلائي جو واعدو ٿي چڪو آهي سي جهنم کان پري رکيا ويا آهن اهي

ان جي پُٺڪ ب نہ ٻڌندا ۽ اهي پنهنجي دل پسند خواهشن ۾ سدائين رهندا. انهن کي غم ۾ نہ وجهندي اها سڀ کان وڏي گهٻراهٽ ۽ فرشتا انهن جي استقبال لاءِ ايندا جو هيءُ آهي توهان جي واعدي جو ڏينهن.

## ”مان انهن مان آهيان“

حضرت موليٰ علي شيرِ خدا رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ سُورَةُ الْاَنْبِيَاء جي آيت نمبر 101 تلاوت فرمائي: اِنَّ الَّذِيْنَ سَبَقَتْ لَهُمْ مِّنَّا الْحُسْنٰۤىۙ اُولٰٓىٕكَ عَنْهَا مُبْعَدُوْنَ ﴿۱۰۱﴾ ترجمو ڪنزالايمان بيشڪ اهي جن جي واسطي اسان جو ڀلائي جو واعدو ٿي چڪو آهي سي جهنم کان پري رکيا ويا آهن) پوءِ ارشاد فرمايو: مان انهن مان آهيان، (حضرات ابوبڪر، عمر، عثمان، ۽ طلحه، زُبير، سعد، سعيد، عبدالرحمٰن بن عوف، ابو عبيده بن جرّاح رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُم (بہ) انهن مان آهن. (تفسيرِ بيضاوي جلد 4 ص110) الله پاڪ سيپاري 19 سُورَةُ النّمل آيت 59 ۾ فرمائي ٿو: قُلِ الْحَمْدُ لِلّٰهِ وَ سَلٰمٌ عَلٰى عِبَادِهِ الَّذِيْنَ اصْطَفٰىؕ ترجمو ڪنزالايمان: تون چئو سڀ تعريفون الله جي واسطي ۽ سلام سندس چونڊيل ٻانهن تي.

صحابي ابن صحابي حضرت عبدالله بن عباس رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمَا بيان ڪيل آيتِ مبارڪ جي هن حصّي: ”وَسَلٰمٌ عَلٰى عِبَادِهِ الَّذِيْنَ اصْطَفٰى“ (ترجمو ڪنزلايمان: ۽ سلام سندس چونڊيل ٻانهن تي) جي

تفسير ۾ فرمائن ٿا:”چونديل ٻانهن مان نبيّ اکرم صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جا صحابہ مراد آهن.“ (تفسيرِ طبري جلد10 ص4 رقم:27060)

## حرام، حرام، سخت حرام

صحابہ ڪرام رَضِیَ اللّٰہ عَنْھُم جا پاڻ ۾ لڙائي وغيره جا جيڪي واقعا ٿيا، انهن ۾ پوڻ حرام، حرام، سخت حرام آهي، مسلمانن کي تہ اِهو ڏسڻ گهرجي تہ اهي سڀئي آقا ڪريم صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جا جانثار ۽ سچا غلام آهن. (بهارِ شريعت جلد اوّل ص 254)

میری جھولی میں نہ کیوں ہوں دو جہاں کی نعمتیں
میں ہوں منگتا میں گدا، اصحاب واہل بیت کا

کیوں ہو مایوس اے فقیرو! آؤ آکر لوٹ لو
ہے خزانہ بٹ رہا، اصحاب واہل بیت کا

یاالٰہی! شکریہ عطار کو تو نے کیا
شعر گوم مدحت سرا اصحاب واہل بیت کا

ہر صحابیِ نبی! جنتی جنتی　　سب صحابیات بھی! جنتی جنتی

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب!　صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## 40 حديثون پهچائڻ جي فضيلت

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: ”جيڪو شخص منهنجي امّت تائين پهچائڻ جي لاءِ دين جي متعلق”40 حديثون“ ياد ڪندو ته ان کي اللّٰه پاڪ قيامت جي ڏينهن عالمِ دين جي حيثيت سان اٿاريندو ۽ قيامت جي ڏينهن مان ان جو شفيع ۽ گواهه هوندس.“ (شعب الايمان جلد2 ص 270، حديث:1766) هن مان مراد چاليهه حديثن جو ماڻهن تائين پهچائڻ آهي جيتوڻيڪ اهي ياد نه هجن. (اَشعة اللّمعات جلد1 ص 186)

الحمدللّٰه! حديثِ پاڪ ۾ بيان ڪيل فضيلت حاصل ڪرڻ جي نيّت سان فضائلِ صحابه جي متعلق ”40 فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم“ پيش ڪجن ٿا.

## فضائلِ صحابه جي باري ۾ 40 حديثون

(1) بهترين ماڻهو منهنجي زماني جا آهن (يعني صحابه ڪرام) پوءِ جيڪي ماڻهو انهن جي قريب آهن(يعني تابعين)، پوءِ جيڪي ماڻهو انهن جي قريب آهن(يعني تبع تابعين). (بخاري شريف جلد2 ص193، حديث:2652)

**اصحابن جي دور جي مدت:** شارح بخاري مفتي شريف الحق امجدي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مشهور قول مطابق صحابه ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جو زمانو 110 هجري ۾ سڀ کان آخري صحابي رسول حضرت اَبُو الطُّفيل عمار بن واثله جي انتقال شريف تي ختم ٿي ويو، (تقريب التهذيب ص 228 رقم 3111) ان کان پوءِ ستّر، اسّي (70-80)

سالن تائين تابعين جو دور رهيو پوءِ پنجاهه سال تبع تابعين جو رهيو، تقريباً ٻه سؤ ويهه هجري (220ھ) ۾ تبع تابعين جو مبارڪ دور ختم ٿي ويو. (نزهة القاري جلد3 ي801، بتغير قليل)

(2) اُن مسلمان کي جهنَّم جي باهه ڪانه ساڙينديي جنهن مون کي ڏٺو يا مونکي ڏسڻ وارن (يعني اصحابن عَلَيْهِم الرِّضْوَان) کي ڏٺو. (ترمذي شريف جلد5 ص 461،حديث:3884)

(3) منهنجي صحابن مان جيڪو صحابي جنهن سرزمين ۾ فوت ٿيو هوندو ته قيامت جي ڏينهن (ان صحابي کي) اُن (يعني اتان جي مسلمانن) جي لاءِ نور ۽ رهنما بڻائي اٿاريو ويندو. (ايضاً ص 463، حديث:3891)

(4) منهنجي اصحابن کي گهٽ وڌ نه ڳالهايو، انڪري جو جيڪڏهن توهان مان ڪو احد جبل جيترو به سون خرچ ڪري ته اُهو انهن جي هڪ مُد (يعني هڪ ڪلو مان 40 گرام گهٽ) جي برابر به نٿو پهچي سگهي ۽ نه ئي مُد جي اڌ تائين. (بخاري شريف جلد2 ص 522، حديث:3673)

(5) انصار (يعني انصاري صحابن) سان محبت"ايمان" جي علامت ۽ انهن کان بغض "نِفاق" جي علامت آهي. (بخاري شريف جلد2 ص556، حديث: 37 84)

(6) توهان ان وقت تائين ڀلائي ۾ رهندؤ جيستائين توهان ۾ اهو شخص موجود آهي جنهن مون کي ڏٺو ۽ منهنجي صحبت اختيار ڪئي (يعني صحابي)، خدا جو قسم! توهان ان وقت تائين ڀلائي ۾ رهندؤ جيستائين توهان ۾ اهو شخص موجود

هجي جنهن مون کي ڏسڻ واري کي ڏٺو ۽ ان جي صحبت اختيار ڪئي(يعني تابعي)، خدا جو قسم! توهان ان وقت تائين ڀلائي ۾ رهندؤ جيستائين توهان ۾ اهو شخص موجود آهي جنهن مونکي ڏسڻ واري (يعني صحابي) کي ڏسڻ واري(تابعي کي ڏٺو ۽ ان جي صحبت اختيار ڪئي. (يعني تبعِ تابعي) (مصنف ابن ابي شيبه جلد 17 ص 308: حديث:3308)

(7) منهنجي اصحابن جي عزت ڪيو ڇوته اهي توهان ۾ بهترين ماڻهو آهن. (الاعتقاد للبيهقي ص320)

(8) منهنجا اصحابي تارن جيان آهن، انهن مان جنهن جي بہ اقتداء (يعني پيروي) ڪندؤ هدايت ماڻيندؤ. (جامع بيان العلم ص 361، حديث: 975)

(9) انصار (يعني انصاري صحابن) سان مؤمن ئي محبت ڪندو ۽ انهن سان دشمني منافق ئي ڪندو، تہ جنهن انهن سان محبت ڪئي الله پاڪ انهن سان محبت ڪري ٿو ۽ جنهن بغض رکيو الله پاڪ انهن کان ناراض ٿئي ٿو. (بخاري شريف جلد2 ص 555 حديث:3783)

(10) جيڪو الله پاڪ ۽ آخرت جي ڏينهن تي ايمان رکي ٿو اهو انصار (يعني انصاري صحابين) سان بغض ناهي رکندو. (مسلم شريف ص 57، حديث: 238)

(11) جن ماڻهن وڻ جي هيٺان بيعت ڪئي هئي، اِنْ شَآءَاللّٰه انهن مان ڪوبہ دوزخ ۾ داخل نہ ٿيندو. (مسلم شريف ص 1041، حديث: 6404)

**حديث جي شرح:** هن مان مراد اهي اصحابي سڳورا عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان آهن جن وڻ جي هيٺان حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي بيعت ڪئي

هئي. (مرقات جلد10ص600) ان بيعت کي ”بيعتِ رِضوان“ چوندا آهن ۽ ان بيعت ۾ چوڏهه سؤ (1400) صحابہ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان شامل هئا. (تفسيرِ نسفي ص1144) شارح مسلم شريف امام نَوَوي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه هن حديثِ پاڪ جي حوالي سان فرمائن ٿا: ”علماءِ ڪرام فرمايو تہ هن حديثِ پاڪ جو مطلب هي آهي تہ ”بيعتِ رِضوان“ ڪرڻ وارن صحابين عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان مان ڪو هڪ بہ دوزخ ۾ ڪونہ ويندو ۽ حديث پاڪ ۾ جيڪو ”اِنۡ شَآءَاللّٰه“ چيو ويو آهي اِهو شڪ جي بنياد تي ناهي چيو ويو بلڪ (الله پاڪ جي نالي مان) برڪت حاصل ڪرڻ جي لاءِ چيو ويو آهي.“ (شرح النوي علي مسلم ج8 جزء 16 ص 58)

(12) سڀ کان افضل مان ۽ منهنجا صحابہ آهن. عرض ڪيو ويو: پوءِ ڪير افضل آهي؟ ارشاد فرمايائون: پوءِ اهي ماڻهن آهن جيڪي انهن جي نقشِ قدم تي هلن. (يعني انهن کي فالو ڪندا) عرض ڪيو ويو: پوءِ ڪير؟ ارشاد فرمايائون: پوءِ اهي جيڪي انهن (يعني تابعين) جي پيروي ڪندا. (الله والوں کی باتیں ج2 ص129) (حلية الاولياء جلد2 ص94،حديث:1564)

(13) منهنجا اصحابي امَّت جي لاءِ امان آهن، جڏهن دنيا مان رخصت ٿي ويندا تہ منهنجي اُمّت تي اهو وقت ايندو جنهن جو انهن سان وعدو ڪيو ويو آهي. (مسلم شريف ص1051 حديث:6466)

**حديث جي شرح:** ”مرآت شريف“ ۾ آهي: صحابہ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان جي زماني ۾ جيتوڻيڪ فتنا فساد ٿيا پر مسلمانن جو دين ايترو ڪونہ بگڙيو هو جيترو(صحابہ جو دور ختم ٿيڻ) کان پوءِ

بگڙيو ۽ هاڻي تہ هن دور ۾ فتنہ عام ٿي ويا آهن! الله پاڪ محفوظ رکي. (مراۃ جلد8 ص336)

(14) اَللّٰهُمَّ اغْفِرْ لِلصَّحَابَةِ، وَلِمَنْ رَّاٰى، وَلِمَنْ رَّاٰى يعني اي الله! (منهنجي) صحابن جي مغفرت فرماءِ ۽ جنهن انهن کي ڏٺو ۽ جنهن انهن جي ڏسڻ واري کي ڏٺو انهن جي بہ مغفرت فرماءِ. (معرفة الصحابه لابن نعيم ج1 ص15)

(15) الله پاڪ جڏهن ڪنهن جي ڀلائي چاهيندو آهي تہ اُن جي دل ۾ منهنجي (تمام) صحابہ جي مَحَبّتَ پيدا فرمائي ڇڏيندو آهي. (تاريخ اصبهان جلد1 ص467، رقم 969)

(16) سڀ ڪان پهريان منهنجي لاءِ پُلصراط کي دوزخ تي رکيو ويندو، مان ۽ منهنجا صحابہ پُلصراط تان گذري جنّت ۾ داخل ٿيندا سون. (الفردوس بماثورالخطاب ج1 ص 48، حديث:16)

(17) الله پاڪ منهنجي اصحابن کي نبين ۽ رسولن کان علاوه تمام جهانن تي فضليت عطا فرمائي آهي. ۽ منهنجي تمام صحابين ۾ خير (يعني ڀلائي) آهي. (مجمع الزوائد جلد 9 ص736، حديث:16383)

(18) تارن بابت سوال نہ ڪيو، پنهنجي راءِ سان قرآنِ پاڪ جي تفسير نہ ڪيو ۽ منهنجي صحابہ مان ڪنهن کي بہ گهٽ وڌ نہ ڳالهايو تہ اِهو خالص ايمان آهي. (الفردوس جلد5 ص 64، حديث:7470)

(19) منهنجي تمام اصحابن سان جيڪو محَبّتَ ڪري، انهن جي مدد ڪري ۽ انهن جي لاءِ استغفار (يعني دعاءِ مغفرت) ڪري تہ

الله پاڪ ان ڪي قيامت جي ڏينهن جنّت ۾ منهنجي صحابين جو ساٿ نصيب فرمائيندو. (فضائل الصحابه للامام احمد ج1 ص 341، حديث:439)

(20) منهنجي صحابين جي منهنجي ڪري جنهن حفاظت ۽ عزّت ڪئي ته مان بروزِ قيامت ان جو محافظ (حفاظت ڪرڻ وارو) هوندس. ۽ جنهن منهنجي صحابين کي گهٽ وڌ ڳالهايو ان تي الله پاڪ جي لعنت. (فضائل الصحابه للاحمد جلد2 ص 908، حديث:1733)

(21) جيڪو منهنجي صحابين کي گهٽ وڌ چئي اُن تي "الله پاڪ جي لعنت" ۽ جيڪو انهن جي عزت جي حفاظت ڪري، مان قيامت جي ڏينهن ان جي حفاظت ڪندس (يعني ان کي جهنّم کان محفوظ رکيو ويندو). (تاريخ ابن عساکر ج44 ص222، السراج المنير شرح جامع الصغير جلد3 ص86)

(22) جنهن منهنجي صحابين جي متعلق چڱي ڳالھ چئي ته اهو نفاق کان بري (يعني آزاد) ٿي ويو، جنهن منهنجي صحابين جي باري ۾ گهٽ وڌ چيو ته اهو منهنجي طريقي کان هٽي ويو ۽ اُن جو ٺڪاڻو باھ آهي ۽ باھ ڪهڙي نه بري جاءِ آهي موٽڻ جي. (جمع الجوامع جلد 8 ص428، حديث: 30262)

(23) منهنجي صحابہ جي متعلق الله کان ڊڄو! الله کان ڊڄو! منهنجي صحابہ جي باري ۾ الله کان ڊڄو! الله کان ڊڄو! مون کان پوءِ انهن کي نشانو نہ بڻائجو چوتہ جنهن هنن سان محبت ڪئي تہ منهنجي مَحبّتَ جي ڪري انهن سان مَحبّتَ ڪئي ۽ جنهن هنن سان بغض رکيو تہ منهنجي بغض جي ڪري انهن

سان بغض رکيو ۽ جنهن انهن کي ستايو ان مون کي ستايو ۽ جنهن مون کي ستايو ان الله کي ايذايو ۽ جنهن الله کي ايذايو تہ قريب آهي تہ الله ان کي پڪڙي. (ترمذي جلد5 ص363، حديث: 3888)

## الله ۽ رسول کي ايذائڻ وارن جي لاءِ عذاب جي وعيد

الله ۽ رسول کي ايذائڻ وارن جي باري ۾ الله پاڪ سيپاري 22 سُوۡرَةُ الۡاَحۡزَاب: آيت نمبر 57 ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

اِنَّ الَّذِيۡنَ يُؤۡذُوۡنَ اللّٰهَ وَ رَسُوۡلَهٗ لَعَنَهُمُ اللّٰهُ فِي الدُّنۡيَا وَ الۡاٰخِرَةِ وَ اَعَدَّ لَهُمۡ عَذَابًا مُّهِيۡنًا ﴿۵۷﴾ **ترجمو کنزالايمان:** ۽ جيڪي تڪليف ڏين ٿا الله ۽ ان جي رسول کي انهن تي الله جي لعنت آهي دنيا ۽ آخرت ۾ ۽ الله انهن جي واسطي ذلت جو عذاب تيار ڪري رکيو آهي.

(24) قيامت جي ڏينهن هر شخص کي نجات جي اميد هوندي سواءِ ان شخص جي جنهن منهنجي صحابہ کي گهٽ وڌ ڳالهايو، بيشڪ اهلِ محشر انهن (يعني صحابہ کي گهٽ وڌ ڳالهائڻ وارن) تي لعنت ڪندا. (تاريخ اصبهان ج1 ص 126)

(25) اِذَا ذُكِرَ اَصۡحَابِيۡ فَاَمۡسِكُوۡا يعني جڏهن منهنجي اصحابن جو ذڪر اچي تہ "رڪجي" وڃو (يعني گهٽ وڌ ڳالهائڻ کان رڪجي وڃو)

(معجم ڪبير جلد 2 ص 96 حديث:1428)

**حديث جي شرح:** حضرتِ علامہ علي قاري رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: يعني صحابہ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان کي گهٽ وڌ ڳالهائڻ واري کان پري

رهو. ڇوتہ قرآنِ ڪريم ۾ انهن (صحابن) جي لاءِ رضاءِ الٰهي جي خوشخبري بيان ٿي چڪي آهي، تنهنڪري انهن جو نڪاٽو پرهيزگاري ۽ رضاءِ الٰهي سان جنت ۾ هوندو. ۽ هي اهي حقوق آهن جيڪي اُمّت جي ذمي باقي آهن تنهنڪري جڏهن بہ انهن جو ذڪر ٿئي تہ صرف و صرف ڀلائي ۽ انهن جي لاءِ نيڪ دعائن سان ٿئي. (مرقات جلد 9 ص282)

(26) بيشڪ قيامت جي ڏينهن ماڻهن ۾ سخت ترين عذاب ان کي ٿيندو جنهن نبين سڳورن (عَلَيهِم السَّلَام) کي گهٽ وڌ ڳالهايو، پوءِ ان کي جنهن منهنجي صحابين کي گهٽ وڌ چيو ۽ پوءِ ان کي جنهن مسلمانن کي گهٽ وڌ چيو. (حلية الاولياء جلد4 ص100، حديث:4894)

(27) اللّٰه پاڪ جي ان شخص تي لعنت ٿئي، جنهن منهنجي اصحابن کي گهٽ وڌ ڳالهايو. (معجم ڪبير ج 12 ص332، حديث:13588)

## اصحابن تي عيب لڳائڻ وارا

(28) بيشڪ اللّٰه پاڪ مونکي چونڊيو ۽ منهنجي لاءِ اصحابن کي چونڊيو، ۽ عنقريب اهڙي قوم ايندي جيڪا انهن جو شان گهٽائيندي، انهن تي عيب لڳائيندي ۽ گهٽ وڌ ڳالهائيندي، تنهنڪري توهان نہ انهن سان ويهجو، نہ انهن سان گڏ کائجو، نہ پيئجو، نہ انهن سان گڏ نماز پڙهجو ۽ نہ انهن جي نمازِ (جنازه) پڙهجو. (الجامع لاخلاق الراوي للخطيب البغدادي جلد 2 ص118، رقم1353)

(29) بيشڪ منهنجي امت جا بدترين ماڻهو اهي آهن جيڪي

منهنجي صحابي تي جرئت ڪرڻ وارا آهن. (الڪامل في ضعفاء الرجال لابن عدي ج9 ص 199)

**حديث جي شرح:** يعني اهي ماڻهو جيڪي صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان کي گهٽ وڌ ڳالهائن ٿا ۽ انهن جي باري ۾ اهڙيون ڳالهيون ڪن ٿا جيڪي انهن جي شان ۽ منصب جي لائق ناهين، ائين ڪرڻ سخت ترين حرام ڪم آهي، صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان کي گهٽ وڌ ڳالهائڻ برائي تي جرئت ڪرڻ جي علامت آهي ۽ انهن جي عزت ۽ احترام ڪرڻ چڱي هئڻ جي علامت آهي ۽ حق (يعني صحيح) ڳالهہ اها آهي تہ تمام صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جي تعظيم ڪئي وڃي ۽ انهن کي گهٽ وڌ ڳالهائڻ کان زبان کي روڪيو وڃي، چاهي اهي صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان مهاجرن مان هجن يا انصار مان. (فيض القدير جلد2 ص 575، تحت الحديث2281)

(30) جيڪو منهنجي صحابہ کي گهٽ وڌ ڳالهائي، ان تي اللّٰه پاڪ، ملائڪن ۽ تمام انسانن جي لعنت اللّٰه پاڪ ان جو نہ فرض قبول ڪندو نہ نفل. (الدعا للطبراني ص581 رقم:2018)

(31) جيڪو شخص منهنجي اصحابن، گهر وارين ۽ اهلبيت سان عقيدت رکندو آهي ۽ انهن مان ڪنهن کي گهٽ وڌ ناهي ڳالهائيندو ايسيتائين جو انهن جي مَحبّتَ تي دنيا مان انتقال ڪري ويندو آهي اهو قيامت جي ڏينهن مون سان گڏ منهنجي درجي ۾ هوندو. (جمع الجوامع ج8 ص 414، حديث: 30236)

صالحين (يعني نيڪ ماڻهن) سان گڏ هئڻ مان اِهو لازم نٿو اچي تہ ان جو درجو ۽ جزا هر اعتبار سان صالحن وانگر هوندي بلڪ ڪنهن درجي ۾ ڪنهن خاص اعتبار سان شرڪت ٿيندي جيتوڻيڪ مقام ۽ عزت ۽ معيار جي اعتبارسان لکين درجا فرق هجي، جيئن محل ۾ بادشاھ ۽ غلام(يا محل ۾ سيٺ ۽ ملازم) ٻئي هوندا آهن پر فرق واضح آهي.

(32) منهنجي صحابن جي معاملي ۾ منهنجو لحاظ ڪجو ڇوتہ اهي منهنجي اُمَّت جا بهترين ماڻهو آهن. (مسند الشهاب جلد1 ص 418، حديث:220)

(33) مون کان پوءِ منهنجي صحابن کان ڪجھ لغزش ٿيندي. اللّٰه پاڪ انهن کي منهنجي صحبت جي سبب معاف ڪري ڇڏيندو ۽ انهن کان پوءِ ڪجھ ماڻهو ايندا جن کي اللّٰه پاڪ منهن پر دوزخ ۾ اڇلائي ڇڏيندو. (معجم اوسط جلد2 ص 260، حديث:3219)

اعليٰ حضرت رَحْمَةُاللهِعَلَيْه انهن بعد وارن جي متعلق فرمايو: هي اهي ماڻهو آهن جيڪي انهن خطائن جي باعث اصحابن کي گهٽ وڌ ڳالهائيندا. (فتاوي رضويہ29 ص 336)

(34) منهنجي اُمّت ۾ منهنجي صحابہ جو مثال ڪاڌي ۾ لوڻ جيان آهي جو ڪاڌو بنا لوڻ جي درست ناهي هوندو. (شرح السنہ جلد 7 ص 174، حديث: 3756)

(35) جڏهن توهان ماڻهن کي ڏسو تہ منهنجي اصحابن کي گهٽ وڌ ڳالهائين ٿا تہ چئو: الله پاڪ جي لعنت هجي توهان جي شر تي. (ترمذي جلد5 ص 464، حديث:3892)

**حديث جي شرح:** حضرت مفتي احمد يارخان رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه هن حديثِ پاڪ جي حوالي سان فرمائن ٿا: يعني صحابہ ڪرام تہ خير ئي خير آهن توهان انهن کي گهٽ وڌ ڳالهايو ٿا تہ اها برائي خود توهان ئي جي طرف موٽندي آهي ۽ ان جو وبال توهان ئي تي پوندو آهي. (مراة المناجيح جلد8 ص 344)

(36) مون کي ڪوئي صحابي ڪنهن جي طرفان ڪا ڳالهہ نہ پهچائي، مان چاهيان ٿو تہ توهان وٽ صاف سيني سان ايندو ڪريان. (ابوداؤد جلد4ص348)

**حديث جي شرح:** ”مرآت شريف“ ۾ آهي: يعني ڪنهن جي عداوت، ڪنهن سان نفرت دل ۾ نہ هجي. اِهو بہ اسان جي لاءِ **بيانِ قانون** آهي تہ پنهنجون دليون مسلمانن جي بغض و عداوت کان صاف رکون تہ جيئن انهن ۾ مديني جا انوار ڏسون، نہ تہ حضور پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو سينو، نورِ ڪرامت سان ڀريل آهي اُتي بغض و ڪينو پهچي ئي نٿو سگهي. (مراة المناجيح جلد6 ص472)

(37) مون کي ماڻهن مان سڀ کان وڌيڪ محبوب توهان(يعني انصاري صحابہ) آهيو، مونکي ماڻهن ۾ سڀ کان وڌيڪ توهان پيارا آهيو. (مسلم شريف 1044، حديث: 6418)

(38) مهاجرين ۽ انصار مديني شريف جي آسپاس خندق کوٽڻ ۾ مصروف هئا، تہ نبي ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ هيءَ دعا گهري: اي الله! پلائي ناهي پر آخرت جي پلائي، بس انصارين ۽ مهاجرين ۾ برڪت فرماءِ. (بخاري شريف ج2 ص264، حديث:2835)

(39) جيڪڏهن ماڻهو جهنگل يا هُڙي (وٽن جو جهگو) مان هلن تہ مان انصار(يعني انصاري صحابہ) جي جهنگل يا انهن جي هُڙي مان هلان ۽ انصار اندروني لباس (وانگر) آهن ۽ باقي ماڻهو بيروني لباس (يعني پاهرين لباس وانگر) آهن. (بخاري شريف جلد3ص116، حديث:4330 مختصراً)

**حديث جي شرح:** ”مرآت شريف“ ۾ آهي: يعني جيڪڏهن تمام جهانن جي راءِ هڪ هجي ۽ انصار(يعني انصاري صحابہ) جي راءِ ٻي هجي، تہ مان انصارين جي راءِ جي مطابق راءِ ڏيندس، سڀني جي راءِ تي انصارين جي راءِ کي ترجيح ڏيندس، هيءُ مطلب ناهي تہ مان انصارين جي اتباع ڪندس، سڄو جهان حضور صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جو تابعدار آهي، حضور صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ ڪنهن شخص يا ڪنهن قوم جا پيروڪار ناهن. النّاس(يعني باقي ماڻهن) مان مراد عام مؤمن آهن، حضراتِ خلفاءِ راشدين يا

فاطمہ زهرا و حسنين ڪريمين(رضی اللہ عنھم) هن ۾ داخل نہ آهن. (مرآت جلد8 ص527-528)

## دعاءِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ

(40) اَللّٰهُمَّ اغْفِرْ لِلْاَنْصَارِ، وَلِاَبْنَآءِ الْاَنْصَارِ، وَاَبْنَآءِ اَبْنَآءِ الْاَنْصَارِ يعني اي الله! انصار (يعني انصاري صحابہ) جي ۽ انهن جي پٽن پوٽن جي مغفرت فرماءِ. (مسلم شريف ص 1044 حديث:2414)

| | | | |
|---|---|---|---|
| ہر صحابیِ نبی | جنتی جنتی! | سب صحابیات بھی | جنتی جنتی! |
| چارِ یارانِ نبی | جنتی جنتی! | حضرت صدیق بھی | جنتی جنتی! |
| اور عمر فاروق بھی | جنتی جنتی! | عثمانِ غنی | جنتی جنتی! |
| فاطمہ اور علی | جنتی جنتی! | ہیں حسن حسین بھی | جنتی جنتی! |
| والدینِ نبی | جنتی جنتی! | ہر زوجہ نبی | جنتی جنتی! |
| اور ابوسفیان بھی | جنتی جنتی! | ہیں معاویہ بھی | جنتی جنتی! |

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

**کیوں نہ ہو رتبہ بڑا اصحاب واہل بیت کا**

کیوں نہ ہو رتبہ بڑا اصحاب واہل بیت کا

ہے خدائے مصطفٰی، اصحاب و اہل بیت کا

آل و اصحابِ نبی سب بادشہ ہیں بادشاہ
میں فقط ادنٰی گدا اَصحاب و اہلِ بیت کا

میری جھولی میں نہ کیوں ہوں دو جہاں کی نعمتیں
میں ہوں منگتا میں گدا اَصحاب و اہلِ بیت کا

کیوں ہو مایوس اے فقیرو! آؤ آ کر لوٹ لو
ہے خزانہ بٹ رہا اصحاب و اہلِ بیت کا

فضلِ رب سے دو جہاں میں کامیابی پائے گا
دل سے شیدا ہوا اصحاب و اہلِ بیت کا

اے خدائے مصطفٰی! ایماں پر ہو خاتمہ
مغفرت کر! واسطہ اصحاب و اہلِ بیت کا

جینا مرنا اُن کی الفت میں ہو یارب! اور ہو
قرب جنت میں عطا اصحاب و اہلِ بیت کا

حشر میں مجھ کو شفاعت کی عطا خیرات ہو
واسطہ یا مصطفٰی! اصحاب و اہلِ بیت کا

نور والے! قبر میری حشر تک روشن رہے
واسطہ تم کو شہا! اصحاب و اہلِ بیت کا

ہر برس میں حج کروں، میٹھا مدینہ دیکھ لوں
یاالٰہی! واسطہ اصحاب و اہلِ بیت کا

نزع میں حسنین کے نانا کا جلوہ ہو نصیب
یاالٰہی! واسطہ اصحاب و اہلِ بیت کا

دے گناہوں سے نجات اور متقی مجھ کو بنا
یاالٰہی! واسطہ اصحاب و اہلِ بیت کا

دردِ عصیاں کی دوا مل جائے میں بن جاؤں نیک
یاالٰہی! واسطہ اصحاب و اہلِ بیت کا

دور ہو دنیا سے مولٰی یہ کرونا کی وبا
یاالٰہی! واسطہ اصحاب و اہلِ بیت کا

شاہ کی دکھیاری امت کے دکھوں کو دور کر
یاالٰہی! واسطہ اصحاب و اہلِ بیت کا

تنگدستی دور ہو اور رزق میں برکت ملے
یاالٰہی! واسطہ اصحاب و اہلِ بیت کا

یاالٰہی! شکریہ عطار کو تو نے کیا
شعر گو، مدحت سرا اصحاب و اہلِ بیت کا

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

ٱلۡحَمۡدُ لِلّٰہِ رَبِّ الۡعٰلَمِیۡنَ وَالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الۡمُرۡسَلِیۡنَ اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیۡطٰنِ الرَّجِیۡمِ بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

## نيڪ نمازي بڻجڻ جي لاءِ

هر جمعرات نمازِ مغرب کان بعد اوهان جي علائقي ۾ ٿيندڙ دعوت اسلامي جي هفتيوار سنّتن ڀري اجتماع ۾ الله عزوجل جي رضا جي لاءِ سُٺين سُٺين نيّتن سان سڄي رات شرڪت فرمايو. ❁ سنّتن جي تربيت جي لاءِ مدني قافلي ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ هر مهيني ٽي ڏينهن سفر ۽ ❁ روزانو ”فڪرِ مدينہ“ جي ذريعي مدني انعامات جو رسالو ڀري ڪري هر مدني مهيني جي پهرين تاريخ ۾ پنهنجي ذميدار کي جمع ڪرائڻ جو معمول بڻايو.

**منهنجو مدني مقصد:** ”مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي“ اِنۡ شَآءَ اللّٰہ عزوجل پنهنجي اصلاح جي لاءِ ”مدني انعامات“ تي عمل ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش جي لاءِ ”مدني قافلن“ ۾ سفر ڪرڻو آهي. اِنۡ شَآءَ اللّٰہ عزوجل










عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي

UAN: +92 111 25 26 92 Ext: 7213

Web: www.dawateislami.net / E-mail: translation@dawateislami.net